**Instructions:**

- Use Only Black or Blue Color
- Start New Question from the end of Earlier Answer.
- Extra Attempted Questions, Wrong Stapled Paper, Paper without Candidates Details, or any Comment/Objection... Invigilator wouldn't be entertained for checking

Start From Here

سوال نمبر ٣-

١- تعارف

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي
ادب ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿا. سنڌي
شاعري کان سواءِ سنڌي ادب هڪ بيابان
جيان آهي. ان سان ۾ شاهه صاحب جي شاعري
هڪ باغ آهي. شاهه عبداللطيف ١٨ نومبر
تي جنم ورتو. سنڌ ابتدائي تعليم
سنڌ ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙي
واري کئي ۽ شاعري ڏانهن شوق
۽ ريحان به انهن جي نصيب
ٿيو. شاهه صاحب جي شاعري هونئن ته
زندگي جي هر پهلو کي اجاگر ڪيو آهي
پر سنڌي شاعري ۾ انسانيت ۽
امن جي پيغام کي هميشه بيان ڪيو آهي ٿو.

NOA CSS Testing Service
Sheet No. ..........
23 JAN 2025
Invigilator | Lahore Campus
NATIONAL OFFICERS ACADEMY NOA CSS LAHORE CAMPUS
ment/Objection by

## ٣- شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ انسانيت ۽ امن جو درس.

### ا- اڳ اڳرائي دوران صبر جي تلقين

هو ڪچي تون مَ ڪچ واتان وراڻي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي ويهه ٻيڻي وارو چين ڪيا

شاهه صاحب فرمائن ٿا ته
هر انسان کي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي
ڇاڪاڻ ته جهڙو به اڳرائي اُن پشيماني کي
منهن ڏئي ٿو جيڪا انسان ساري
عمر دل ۾ سانڍي رکي ٿو.

### ب- عاجزي ۽ انڪساري جو درس

عاجزي ۽ انڪساري هڪ فرد
۾ انسانيت جو درد اڀاريندا ٿي.
عاجز ماڻهون هميشه امن کي ترجيح
ڏيڻ پسند ڪري ٿو. هڪ عاجز
ماڻهون لاءِ شاهه صاحب جو هي شعر
اوندهه ۾ هڪ لالٽين جيان آهي.
اها لالٽين اُن فرد لاءِ ڪاميابي جو
ضامن آهي.

نمي کمي نهار تون ڏمر ڏولا تون
ٿئين سياڻون جي ايئن انهيءَ وائي تي

## پ۔ امن لاءِ مسلسل ڪوشش جو پيغام

هن نفسا نفسي جي دنيا
۾ امن جي ڳولا هڪ مشڪل ۽ پارا
ڪري بيهندڙ عمل آهي۔ پرهن حالات
لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿا۔

مليا ته ملندياس
نه ته گهوري جان مٿان ٿان

## پ۔ انسانيت ۾ امن لاءِ ڪوشش نه ڪرڻ وارن لاءِ شاهه صاحب جا بيزاريا

شاهه صاحب فرمائن ٿا ته هڪ
فرد جي زندگي ۾ صرف مقصد اهو
نه هجي ته پنهنجي زندگي کي بهتر ڪيئن
ڪرڻ گهرجي ته پر ان فرد کي زندگي
منجهه معاشري جي بهتري لاءِ به
مٿن ڪرڻ گهرجن. شاهه صاحب
فرمائن ٿا:

سڀني کي ساٿيهه ڪنهن اڻاسيا تو
ميڻا تنين ڀوڙ جن لوڪ وساريو.

## ت- درد ۽ تڪليفن کي برداري سان منهن ڏيڻ جو تاڪيد

معاشري سنجهه انسان هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهي. ان معاشري ۾ درد ۽ ڏک به رهن ٿا. پر ان جو مقصد اهو نه آهي ته انا دردن ۾ فرد انتقام جي رستا تي رستا انسان ذات کي تڪليف رسائي.
شاهه صاحب جو ويڪ فرمائن ٿا ته ڏک ۽ درد کي هڪ ٻئي سان ونڊڻ سان گهٽتائي اچي ٿي. پاڻ هڪ شعر ۾ چون ٿا.

اڄو ٿيا سورن وارڙيون،
ڪريون سور پيار،
ڪنين ٿورا، ڪنين گهڻا،
ناهي ڪا سورن کان ٽار
موڪلي ڏنا جي ڏاتار
مون ڀوليا ڪولي جهليا.

## شاهه امن جو علمبردار ۽ مسلسل جدوجهد لاءِ نصيحت

ڪيئي ڪاچيئڙا ناڪن جيان نيهن تي
جهيڙا آيا جڳ ۾ ٿورڙا ويا سرڙا
انهن جا چوڙا پوريا ٿيندا پڙي.

شاهه صاحب فرمائن ٿا
انسانيت جي ذميداري آهي امن لاءِ
انسان کي مايوسي ۽ ناڪامي کي
منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر ائين به
معلوم ٿيڻي ٿو ته جو خود هڪ لاحاصل
جدوجهد ۾ پيڙهجيا ويو. شاهه
سائين موجب ائين نه آهي. انهن
امن پسندن جي اوچ ۽ ترقي ۽
ڏٺو ويو منزل تائين جي پر قيامت
جا روز پونديا جڏهن الله
سائين ان اجر جو اجورو ڏيندو.

**ته الله سائين ۾ اميد رکڻ
۽ امن قائم ڪرڻ جي
مسلسل ڪوشش ڪرڻ**

امن قائم رکڻ لاءِ
هڪ انسان کي ڪوشش ڪرڻ

دوران الله سائين ۾ اميد رکڻ
گهرجي ته الله سائين ان ڪوشش
۾ ڪاميابي نصيب ڪندو.
ان ڪوشش ۾ هر صبح جدو جهد ڪجي.
ان ڪوشش ۾ ڪجهه سالن ڪامياب
ٿين ٿا پر اميد رکجي ته الله
سائين ڪاميابي عطا ڪندو

صبح ٿيا پکين ڪولا پک،
ڪن ماڙيا مائي موڙي ڪن ميڙيا ڪک
لڏا انهن لک من اميد نه لاٿي الله سان

**ٿ۔ ساري عالم لاءِ دعا ته**
**انسانيت قائم ۽ دائم رهي**

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

شاهه صاحب پنهنجي شاعري ۾
انسانيت ۽ امن جي قائم
رکڻ لاءِ الله کان ٻاجهه گهري آهي
۽ اها دعا فرمائي آهي ته
الله سائين سنڌ ۽ ساري عالم کي
آباد رکجي.

## پڄاڻي

شاهه عبداللطيف رح جي
شاعري هر انسان لاءِ مشعل راهه آهي
ته هو امن جي حاصلات لاءِ
جدوجهد ڪري. شاهه سائين هر
فرد کي انسانيت جو درد رکڻ
جي تلقين پڻ ڪئي آهي. ان جي
انسانيت جي خدمت هن معاشري
کي امن ۽ سڪون وارو بنائيندو.

NATIONAL OFFICERS ACADEMY
NOA CSS
LAHORE CAMPUS



# سوال نمبر ٤

## ١- تعارف

نه ماڻهون تاريخ ٿين ٿا،
هن گهايل ڌرتيءَ جي سيني جا
اهڙا گهرا چيڙ ٿين ٿا،
جا هر ٽنهن کي جاڳائي ٿيا
جا هر ٽنهن کي بدلائي ٿيا.

شيخ اياز جو شعر
شاعر استاد بخاري جهڙي شخصيتن
لاءِ آهي جيڪي قوم جي لوڪ جو
درد رکن ٿا۔ ان قوم جي حالات
کيا تبديل ڪرڻ لاءِ جدو جهد ڪن ٿا
استاد بخاري انهن جودهن
مان آهيا جن سنڌ جا حق لاءِ
پنهنجي شاعري ۾ آواز اٿاريو
بخاري جي شاعري ۾ هڪ اٿل
ڪميٽمنٽ درد جي موجودگي آهي جيڪا
ان کيا صرف سنڌ جي سنڌ واسين سان
آهي. استاد بخاري پنهنجي شاعري ۾
اهو پيغام ڏنيو آهيا ته سنڌ جي
سنڌ واسين جي جدوجهد عبادت
جيان آهي

١- استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ قومي شعور جا عنصر.

**الف- سنڌ واسين لاءِ درد ۽ پاڻ کي انهن جيان سمجهڻ**

مان ڪيئن سکي سمهان،
منهنجا مارو ٿڙيا پڙن پيا سمهان:

استاد بخاري سائين جو هيءُ شعر قوم لاءِ شعور رکي جو ثبوت مهيا ڪري ٿو. هن شعر ۾ استاد بخاري پاڻ کي انهن مارئڙن جيان سمجهي ٿو جيڪي جهڙپيا، ڦريا، ٿڪيا ۽ ٽٽيا ۾ بيوپار ۽ سوداگر دربدر رهن ٿا. اهو درد استاد بخاريءَ کي راتا جو سکون سان آرام ڪرڻ نٿو ڏئي.

**ب- قوم جي درد کي پنهنجو درد سمجهڻ، قومي شعور جي علامت**

استاد بخاري پاڻ کي سنڌ واسين کان جدا نٿو سمجهي

NATIONAL OFFICERS ACADEMY
NOA CSS
LAHORE CAMPUS

-5

جيڪو ٿر برابر به درد هڪ سنڌي
محسوس ڪريا ٿو، استاد بخاريءَ ان
درد کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏني
ان درد کي محفوظ رکيو ته جيڪا
مسلسل جدوجهد لاءِ تيل وارو ڪم
ڪريا ٿي.

مان ڪيئن لوڙها ٽپان،
سنهنجا ماروئڙا ڦاڙي پيٽ سين

**پ۔ قوم لاءِ شعور بيداري**
**نه ڪرڻ ضمير تي بوجهه ۽ وزن**
**سمجهڻ**

آڏيندا ڏيهه ميار او يار
قومن ۾ ڪنڌ کڙو ڪجو
ڌوتن ۾ قيد بازي ٿابو
ڪير ٻڌيا چوڪار او يار
قومن ۾ ڪنڌ کڙو ڪجو

استاد بخاريءَ لاءِ قوم
جي بهتريءَ ان ۾ شعور جي ڦهلاءُ
هر فرض جيان اکيا. ان مقصد کان
پر ڪا ٿڙڪي هو ضمير تي وزن

سمجهيو ٿو. استاد بخاري فرمائن
ٿا ته اگر هو قوم لاءِ آواز
نه اٿاريندو ته پوءِ ان عمل
جي سرانجام ڏيندو؟ ان لاءِ هر
ظلم ۽ ظالم کي وائکو ڪري
اجاگر ڪيو.

## پيا۔ ظالمن جيا سنڌ سان
## بيحسيءَ جو ذڪر

تنهنجي سر تي سهسين ڪاج ڏاڍا
ڪائن ڪانگ ڪُتا، ڀوڙا محاذ ٿين
منهنجا مارو ڏٽا خالي پيٽ سمهن

استاد بخاري هن معاشري
۾ حڪمرانن جي ظلم ۽ انهن جي
سنڌ ڏانهن رويي کي هن ريت
قلمبند ڪيو آهي. هتي شعر حڪمرانن
جي عياشي ۽ عوام جي حالاتن جي
وار واڪر چٽو ڪري ٿو. اهائي وجهه
آهي ته استاد بخاري پنهنجي شاعري
۾ قوم اجاگر ڪرڻ جو پيغام
ڏين ٿا.

## ٿ. قوم جي خدمت هڪ لازوال سرمايو آهي۔ استاد بخاري

جيڪو عام اجاري جيئندو رهندو
جيڪو قوم سڌاري جيئندو رهندو
مونکي تاريخ ڏني آهي پڪ آ
جيڪو سنڌ سنواري، سرندو رهندو

استاد بخاري جي شاعري قوم جي خدمت لاءِ آهي. قومي شعور کي زنده رکڻ لاءِ آهي. استاد بخاري لکن ٿا ته اگر تاريخ ۾ ڏسجي ته قوم جي خدمت ڪرڻ وارن کي تاريخ هميشه زنده رکيو آهي.

## ٿ. هر هنڌ قوم شعور کي زنده رکڻ جو مثال

در در، در در ناڪ اسانجي
ناڪ ناڪ ناڪ اسانجي
نيڻا بخاري قوم ميا رهيا ويندا سين

استاد بخاري پنهنجي شاعري منجھ اهو پيغام ڏنو آهي ته قومي شعور جي اجاگر ڪرڻ

راءِ ھو ھر ھنڌ ۽ ھر ڪنڊ ڪڙڇ
۾ ويندو. استاد بخاريءَ ان شيءِ
کي قلم بند ڪيو آھي ته سو انا ڪوشش
ڪا اھا وقتا تائين پوئتي نه ھٽندو
جيسيتائين قوم اجاگر نه ٿئي.

## شاھ حق وٺڻ لاءِ ھر حد تائين وڃڻ جو درس

فيض مرشد ڪان پنهنجي وٺو آھي
جيڪو سمجهو اوھان جو حق آھي
حق مڱڻ سان ھو ڇيني وٺو آھي

استاد بخاريءَ پنهنجي
شاعريءَ ۾ قوم کي اھو درس
ڏنو آھي ته ظلم کي برداشت نه
ڪريو پر حق جا حاصلا تا لاءِ
پاڻ پتوڙيو. حق وٺڻ لاءِ مظلوم
ٿورو روئو ھڪ مجرم ٿورو
روئو آھي. انلاءِ ھڪ جوڙيو جيانا
حق لاءِ ٻوڙھيڻ. انکي حاصل ڪرڻ
لاءِ ھر حد اوراڪليو.

# پيو سچيا چمار سنڌ
# لاءِ جوڙ جهڙ جو پيغام

ٻچين تا سنڌ ۾ سنڌ واسين جا تسبيح پيو پڙهن

ورديم آخري عمر اکيل عبادتا جا منوور تا اکين

استاد بخاري جي شاعري
قوم جي شعور کي زنده رکڻ جي ڪوشش
سان ڀريل آهي. استاد بخاري ان ڏس ۾ جا
سهڻا رکي آهي ته آخري عمر جي آخري
حصي ۾ به سنڌ جي حق لاءِ آواز
اٿاريو آهي ۽ قوم جا شعور کي
زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي.

۳- ٻيا ٿيار

استاد بخاري جو
ڪا ٽوٽو الفضل شاعر ۾ آهي جيڪي
سنڌ ۾ سنڌ واسين سان بيهڻ همت
رکن ٿا. انا سهڻا کي شاعري ۾ بيان
ڪن ٿا ۽ قوم جي شعور کي زنده
رکڻ جا ڪوشش مرڪا گهرڙيا
ٿائين ڪن ٿا.

## سوال نمبر (٤)

### ١- تعارف:

هر ادب هر سفر ۾
ڪري اوچ تي رسندو
آهي. ان ۾ مسلسل
جديديت ۽ نوان لاڙا اپنائن
ان ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ٿيندو
آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سنڌي ادب جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن هن ڌرتي تي پهريون سنڌ واسي قدم رکيو. سنڌي ادب جي تاريخ جو شمار سومرا دور کي سمجهيو وڃي ٿو. پر ڪجهه ليکڪ جيئن ڊاڪٽر عبدالجبار سمهون سنڌي ادب کي عربن دور کان شروع ڪن ٿا.

ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب جو سونهري دور آهي. ان دور ۾ شاهه عبداللطيف جي شاعري سنڌي ادب ۽ شاعري کي لازوال سرمايو بخشيو آهي. انکانسواءِ ڪلهوڙن جي دور ۾

مولود، مناجاتون، معجزا وغيرا نه
ايجاد ٿيا. سنڌي ادب جي هن
سومرن جي دور جي تاريخ هتي بيان
ڪيا ٿيا.

٣- ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ادب
جي اوسر ۽ ترقي




الف- ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي
ادب جي پکيڙ



# ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي "نثر" جا اهڃاڻ ۽ اوسر

## الف. لوڪ ادب

رزميه ڳاهه | رزميه گيچ | عرب داستان

رومانوي داستان

ڪلهوڙن جي دور منجهه لوڪ ادب ۾ روڳر مانڙ هن دور ۾ سومرن ۽ ڪلهوڙن جي جنگين جا احوال، مغلن جا قصا، عرب داستان وغيره لوڪ ادب جو حصو رهيا، رومانوي داستان ۽ شاعري هن دور ۾ لوڪ ادب ۾ اوج رسيو

## ب. سنڌي درسگاهون

ارغون، ترخان ۽ مغل فارسي جا اثر هيٺ رهيا پر ڪلهوڙن جي

دور ۾ ٺٽو علم جو مرڪز هيو. هتي درسگاهن ۾ مذهب جي تعليم سنڌيءَ ۾ ڏني ويندي هئي.

## ٻ۔ مذهبي ادب

هن دور ۾ مذهبي ادب سنڌيءَ ۾ لکجڻ لڳو. ان ڏس ۾ مولوي محمد هاشم ٺٽوي هر وڏي شخصيت آهن. سندن ڪتاب "قوت العاشقين"، "بيان العارفين" سنڌي ادب ۾ نوادرو آهي. هن ادب کي وسعت ڏني.

## ڀ۔ سنڌي صورتخطي جا اهڃاڻ جوڙڻ

مخدوم ابوالحسن ٺٽوي هن دور ۾ "الف اشباع" واري سنڌي جوڙي. مخدوم صاحب جي سنڌي عربي جي طرز تي هئي. جنهن ۾ ڪجهه نقطه واڌارو ڪري سنڌي جوڙي. اها سنڌي صورتخطي موجوده صورتخطي کان مختلف آهي.

## شاعريءَ جا روپ

### ا- مذهبي شاعري

هر دور ۾ مذهبي شاعري پڻ ڪئي ويئي. ان طرز جو هڪ شعر هيٺ آهي

ڏوٿي ٻير ٻاٽي سان ٻرين ياد ڪيان
ٻيو سنتون تن جو پڙهيا ياد ڪيان.

مخدوم ضياءالدين

### ب- شاهه عبداللطيف ڀٽائي

شاهه صاحب جو هن دور ۾ هيو، ڪلهوڙا دور کي منفرد ۽ سنهرو بنائي ٿو. شاهه صاحب جي شاعري سنڌي شاعري کي نئون مستقبل ۽ نئون موضوع بخشيا. هڪ نمونو هيٺ بيان ڪيو ويو.

الف الله عليم اعلى عالم جو ڪالهي
قائم آهي قدرت سين رازق رب رحيم

Sheet No. ...............
NATIONAL OFFICERS ACADEMY
NOA CSS
LAHORE CAMPUS



## ۴- شاهه عنايت رضوي

"صوفي عنايت ۽ شاهه عبداللطيف
هڪ طرز جي شاعري ڪئي آهي."

حسام الدين راشدي

شاهه عنايت رضوي اڙهين دور
جي آخري ڪلهوڙا دور جو شاعر آهي
سندس شاعري تصوف جي رنگ سان
ٽمٽار آهي. جيئن ته:

ڪلبن جون ڪجرين اڙهه اوڏي پائون
ٻوٽا تيل سين، ونڊيڪ ويڙا ڍاپائون
مشڪ مستا پائم ڪين لاتئون

## ۵- محمد شاهه روهڙي ڌڻي

هو صوفي بزرگ پير گوٺا
سان تعلق رکندو هو. هن جي شاعري مذهبي
۽ رومانوي آهي.

نه لوڻ ڪچو، نه لوڻ تڪلو، رسين منجهه سچو
وساري وجود، ته ملين ساڻ دريا.

## نيون ايجادون

### الف۔ غزل

هن دور ۾ غزل جا اهڃاڻ
به ملن ٿا، جيڪا فارسي ۽ عربي مان سنڌي
ادب ۾ آئي.

### ب۔ مولود

اها شاعري جي صنف آهي جنهن
۾ الله سائين ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي حمد ۽
ثنا بيان ڪجي انکي مولود چئجي ٿو.
هڪ مولود جو نمونو هي آهي.

منهنجي سيد لهندو سار، مونکي آ امید الله ۾
امتا ڪارڻ پرمل پيارا پسندو، مونکي آهي اس
الله

### پ۔ مناجات ۽ معجزات

هن صنف جا نشان
به ڪلهوڙا دور ۾ موجود آهن. مناجات
الله سائين کي دعائن ياد ڪرڻ آهي.
محمد هاشم ٺٽوي معجزات تي
ڪتاب جوڙيا.

# پيا ، ڪافيا

هن صنف جو موجد شاعر
عبداللطيف ڀٽائي آهن.

اکيون ٻير ڪريا، وڃي ووءِ وڃي
سرين مان ڳالهڙيا، ڪنهن نه سلجي
لڪائي لوڪ کان، مٺي ڳالهڙيا نبي
مٺيا سيڏار جو سور نه ڪنهن سان سلجي.

## افتتاح

ڪلهوڙن جو دور ابتدائي جديد جي ترقي پسند آهي ته هن دور ۾ اُهي صنفون بنياد وجهي پڪيون ٿيون جن بعد ۾ انگريز دور ۾ ترقي ماڻي. ان دور سنڌي شاعري کي لازوال موتي مهيا ڪيا آهن جيڪي سنڌي ادب جو سرمايه آهن. تنهنڪري ڪلهوڙا دور کي سنڌي ادب جو اهم دور سمجهيو سگهجي ٿو.

## سوال نمبر 7

### ١- تعارف

ناول هڪ انگريزي ادب
جي صنف آهي. ان صنف کي انگريز دور
۾ سنڌي ادب جو حصو ڪري
سگهيا ٿو. ممنوع جي لحاظ کان
ناول گهڻن قسمن جا هجن ٿا.
ناول جي اهميت ان ڳالهه ۾ آهي
ته ناول هڪ معاشري جو عڪس ۽
تاريخ جي چين هجن ٿا. ناول
نه صرف تفريح پر معلومات لاءِ به
پڙهن ٿا. ناول بابت امر جليل لکن ٿا:

"ناول نه صرف تاريخ پر
معاشري جو به سها سگهي
آهي جنهن مان گهڻي ماڻهون
معلومات به حاصل ڪري ٿو ۽
ان دور جو حصو ٿي تفريح
به حاصل ڪري ٿو."

امر جليل

## ۲- ناول جي تعريف

"ناول سنڌي ادب جي اها صنف آهي جنهن ۾ ليکڪ معاشري جو عڪس ان ريت اجاگر ڪري ٿو ته پڙهندڙ جو ڌيان موجود رهي"

عبدالڪريم سنديلو

## ۳- ناول جا موضوع وار قسم



# ع۔ ناول جا موضوع

## الف۔ تاريخ

سنڌي ادب ۾ تاريخي ناول ملن ٿا جن ۾ ماضي جا واقعن کي قلمبند ڪري پڙهندڙن تائين پهچائن ٿا.

عثمان ڏيپلائي جو ناول "سانگهڙ" تاريخي ناول آهي جنهن ۾ "مغل دور" کي ڪتاب ۾ قيد ڪري ٿو

## ب۔ معاشري مسئلا

ڪجهه ناول معاشري جا مسئلن کي به واضح ڪن ٿا. انهن جو مقصد عوام کي آگاهه ڪرڻ ڏيڻ آهي انهن معاشري جي بيمارين جي جيڪي موجود هونديون تڪرارن ۽ جهل آهن

مهتاب محبوب جو "خواب خوشبو" جو ڪري معاشري ۾ عورتن جي فرسودي هجڻ، بيجو آزادي ۽ ڪوشش کي لکي ٿو

## ٻ۔ عورتن سان ظلم

ناول ۾ معاشري
سان تعلق رکندڙ عورتن تي ظلم به ناول
جو موضوع آهن

~~زميندا~~ زميندارن جا ڏاڍ پڻ ڪڍس ۾
ڀعرين ناول آهي.

## ڀ۔ رومانس ۽ محبت

معاشري ظلم
۽ ناانصافيون ڪيسي فرد بيزار ۽ تنگ
محسوس ڪندو آهي. رومانوي ناول
ان جو مهر کان آزادي مهيا ڪندا آهن

## ت۔ وطن پرستي

وطن پرستي وارا
ناول عوام ۾ قومي قدر لاءِ لکيا آهن.
اهي ناول ڪنهن قوم ۾ آزادي جا جذبا
پڻ اڀارن ٿا

مثال سنڌ وڃي
گوبند مالهي جو ناول

Sheet No. ..........
NATIONAL OFFICERS ACADEMY
NOA CSS
LAHORE CAMPUS

## ٣: ناول جي اهميت




## ٤: پڄاڻي

ناول سنڌي ادب جي واڌ ويجهه وسيلن سان گڏ تفريح، معلومات، ادب جو رجحان واڌ ڪرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي. ناول پڙهڻ معاشري ۾ وڌائڻ گهري جا ڪارڻا ۽ اهو ادبي لاڙا پڻ پيدا ڪري ٿو.